اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: بُزُرگانِ دين جا 40 قولَ

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو رسالو

# بُزُرگانِ دين جا 40 قولَ

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ**(دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:**☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

بُزُرگانِ دين جا 40 قولَ ........ 1
پهرين هن کي پڙهو ........ 1
ذِلّت ۽ غم ........ 3
خاموشي عمده عادت ........ 4
دنيا جون مصيبتون ........ 5
علما جي بادشاهن تي حکومت ........ 6
عاجزي ڪرڻ وارو بزرگ ........ 7
شيطان جو غلام ........ 8
هڪ دلچسپ ڳالهه ........ 9
دنيا کي ڇا حڪم آهي ........ 11
بري خاتمي جو سبب ........ 12
تذڪرو خير سان ڪيو ........ 13
سئو (100) حجن کان افضل ........ 14
بدنگاهي جو نقصان ........ 15
رحمت موٽي ويندي آهي ........ 16
انجام جي خوشي ........ 17
حافظي جي قوّت ........ 18
تڪليف پري ڪيو ........ 19
برائين جي ڪنجي ........ 20
بري صحبت جو نقصان ........ 21
شب برات، شفاعت جي رات ........ 22
تمام نيڪين جو اصل ........ 23
مصيبت ۾ نہ پئو ........ 24
خوشي ۾ مصيبت ........ 25
ميلاد ملهائڻ جا شاندار فائدا ........ 26

قرآن ڪريم کي ڏسڻ جا فائدا ........ 27
بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا فرمانَ ........ 28
”هڪ رحمت“ جي برڪت ........ 29
رزق جي تقسيم ........ 30
حضور جي ولادت واري جاءِ جي برڪت ........ 31
جشن ولادت جو بدلو ........ 32
ايمان افروز ڳالهه ........ 33
اللّٰه پاڪ جي ناراضگي جي نشاني ........ 34
شفاعت نصيب ٿيندي ........ 35
خدا جو دشمن ڪير؟ ........ 36
ديني ڪتابن جو ادب ........ 37
جانورن تي ظلم ........ 38
ڪتاب ڪڏهن فائدو ڏيندي ........ 39
دولت جي مستي ........ 40
سنت جي پيروي ........ 41
مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿئي ........ 41

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# بُزُرگانِ دين جا 40 قولَ

دعاءِ اميرِ اهلسنت: يا الله پاڪ جيڪو هي رسالو "بزرگانِ دين جا 40 قول" مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اولياءِ ڪرام جي سچّي محبّت عطا فرماءِ ۽ ان کي ماءُ پيءُ سميت جنّت الفردوس ۾ بي حساب داخل فرماءِ. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## پهرين هن کي پڙهو

اولياءِ ۽ صوفياءِ ڪرام (رَحِمَهُمُ الله) الله جا وڏا مقبول ٻانها آهن. الله پاڪ هِنن کي علمِ لَدُنّي (يعني پنهنجي طرفان بغير ڪتاب پڙهڻ جي علم) عنايت فرمائيندو آهي. عقيدت ۽ ادب سان انهن جي صحبت ۾ ويهڻ وارو بدبخت ناهي رهندو بلڪ انهن هستين جي نظر ڪرم گهڙي کن ۾ "گنهگار" کي سڌي راهه تي آڻي ڇڏيندي آهي. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله پنهنجي سبق آموز نصيحتن ۽ سنتن پري ڪردار سان نيڪي جي دعوت ڏيندا ۽ ماڻهن کي مقربين بارگاهِ الاهي (يعني الله پاڪ جي ويجهو) ڪندا آهن. هن مختصر ڪتاب ۾ الله وارن جا 40 قولَ جمع ڪيا ويا آهن ۽ هي 40 قولَ هڪ "الله واري" اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تحرير فرمايا آهن. المدينةُ العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جو شعبو "هفتيوار رسالي جو مطالعو" مختلف موقعن تي اميرِ اهل سنّت جي قلم سان لکيل هن بُزرگانِ دين جي قولن کي ترتيب ڏئي ڪري هڪ ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪري رهيو آهي. اڪثر جڳهن تي قول جي مناسبت

سان ان بُزرگ جي مختصر سيرت بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ جيئن پڙهڻ وارن کي ان بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعارف ٿئي. وڌيڪ معلومات جي لاءِ هر صفحي تي ان بُزرگ جي سيرت بيان ڪئي وئي آهي. اللّٰه پاڪ امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة کي ڊگهي عمر عطا فرمائي ۽ انهن جو سايو خير و عافيت سان اسان تي دراز فرمائي.

اٰمِين بجاہِ خاتمِ النّبيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

طالبِ غم مدينہ و بقيع و بي حساب مغفرت
ابو محمد طاهر عطاري مدني عفي عنہ

## ذِلّت ءِ غم

فرمانِ لقمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه:"اي منهنجا پٽ! قرض کان بچجان چو تہ اهو ڏينهن جي ذلت ۽ رات جو غم آهي." (تفسير درِ منثور،520/6)

حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جا ولي آهن، پاڻ هڪ هزار سال عمر ماڻيائون. حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام کان پهريان پاڻ "بني اسرائيل" جا مفتي هيا. جڏهن حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام منصب نبوت تي فائز ٿيا تہ پاڻ فتويٰ ڏيڻ ڇڏي ڏنائون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چار هزار نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضري ڏني آهي. (عجائب القرآن،ص 358)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بجاهِ خاتمِ النّبيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خاموشي عمده عادت

كعبُ الاَحْبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "گهٽ ڳالهائڻ وڏي حڪمت آهي لهٰذا خاموشي اختيار ڪيو جو هي عمده عادت آهي، هن سان بوجهه هلڪو ٿيندو ۽ گناهن ۾ گهٽتائي ايندي آهي."

(موسوعہ ابن ابی الدنیا، 223/5، رقم: 107)

حضرت ڪعبُ الاَحبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسلام آڻڻ کان پهرين يهودين جا تمام وڏا عالم هيا، پاڻ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو زمانو ماڻيائون پر زمانه فاروقي ۾ ايمان آندو. مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خلافت جي دور 32 هجري ۾ سندس وفات حِمْص (شام) ۾ ٿي ۽ اُتي ئي سندس مزار آهي. اللّٰه پاڪ جي ان تي رحمت ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خاتمِ النّبيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دنيا جون مصيبتون

تابعي بزرگ حضرت ڪعب الاَحبار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص موت کي سڃاڻي ڇڏي ٿو ان تي دنيا جون مصيبتون ۽ غم هلڪا ٿي وڃن ٿا.“ (احياء العلوم، 194/5)

## علما جي بادشاهن تي حڪومت

حضرت اَبُو اَسوَد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”علم کان وڌيڪ عزت واري ڪا شيءِ ناهي، بادشاهه ماڻهن جي مٿان حڪومت ڪندا آهن جڏهن ته علماء بادشاهن تي حڪومت ڪندا آهن.“ (احياء العلوم، 22/1)

حضرت اَبُو اَسوَد دُؤلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عظيم تابعي بزرگ آهن. مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولىٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن ماڻهن کي عربي ڳالهه ٻول ۾ غلطيون ڪندي ڏٺو ته اصلاح جي لاءِ بنيادي قانون ترتيب ڏنا ۽ حضرت اَبُواَسوَد دُؤلي کي ڪلمي جي ٽن قسمن ”اسم، فعل، حرف“ جون تعريفون لکي ڪري ڏنيون ۽ ان ۾ اضافو ڪرڻ جو فرمايائون پوءِ ان جي اضافو ٿيلن جي اصلاح به فرمائي. (تاريخ الخلفاء، ص143)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجاهِ خاتمِ النّبيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عاجزي ڪرڻ وارو بزرگ

حضرت حَسَن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهڻي عاجزي ڪرڻ وارا بزرگ هيا، هر شخص کي پاڻ کان بهتر تصور ڪندا هئا. هڪ دفعو فرمايائون: جيڪڏهن عذاب کان نجات ماڻي ويس ته آئون بهتر نه ته مون جهڙن سوين گنهگارن کان ڪتو بهتر آهي. (تذكرة الاولياء، ص 43، حصه: اول)

عظيم تابعي بزرگ حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ ۾ زمانہ فاروقي ۾ پيدا ٿيا، مسلمانن جي ٻئي خليفي، حضرتِ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سندن کي گُهٽي ڏني، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي(رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) سان سندن ملاقات ٿي، رجب شريف 110 هجري ۾ سندس وفات ٿي. (اجمال ترجمه اكمال، ص19) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شيطان جو غلام

حضرتِ سَيِّدُنا حسن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن سڀ کان پهريان درهم ۽ دينار تيار ٿيا تہ شيطان ان کي کڻي پيشاني تي رکيو پوءِ انهن کي چمي ڏئي چيائين: جنهن توسان محبت رکي اهو حقيقت ۾ منهنجو غلام آهي. ( احياء العلوم،288/3)

## هڪ دلچسپ ڳالھ

امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمان آهي: تنهنجي ياءُ جي دل ۾ تنهنجي ڪيتري محبت آهي اُن جو اندازو تون هن ڳالھ مان لڳاءِ تہ پنهنجي ياءُ جي تنهنجي دل ۾ ڪيتري محبت آهي.“ (حلية الاولياء، 218/3، رقم: 3764)

ڪونين جي شهزادي، حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي دل جي چَين، حضرتِ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي پوٽي ۽ امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شهزادي، سلسلہ قادريہ رضويہ عطاريہ جي پنجين شيخِ شريعت ۽ شيخ طريقت حضرتِ امام باقر رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه آهن.

(مسالک السالکين، 213/1)

سندن مزار جنت البقيع ۾ آهي. اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيِن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 700 درود پاڪ

فرمانِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه : جيڪو بہ شخص شعبانُ المعظم جي مهيني ۾ 700 مرتبہ درود پاڪ پڙهندو، اللہ پاڪ ڪجھ فرشتا مقرر فرمائيندو جيڪي هِن درود پاڪ کي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پهچائيندا، ان سان رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ خوش ٿيندو، پوءِ اللہ پاڪ انهن فرشتن کي حڪم ڏيندو تہ هن درود پاڪ پڙهڻ واري جي لاءِ قيامت تائين مغفرت ڪندا رهو. (القول البديع،ص395)

عظيم تابعي بُزرگ حضرتِ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 17 ربيع الاوّل 83 هجري سومر شريف جي ڏينهن مدينہ پاڪ ۾ ٿي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه والده جي طرفان "صديقي" ۽ والد جي طرفان "عَلوي ۽ فاطمي" آهن. اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دنيا کي چا حڪم آهي

فرمان امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: الله پاڪ دنيا کي حڪم فرمايو: اي دنيا! جيڪو منهنجي عبادت ڪري ان جي خدمت ڪر ۽ جيڪو تنهنجي خدمت ڪري ان کي ٿڪائي ڇڏ.

(فيضانِ امام جعفر صادق،ص19)

## بري خاتمي جو سبب

فرمان امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه: ”بري خاتمي جو سڀ کان وڏو سبب ظُلم آهي.“

(الحاوی للفتاویٰ،138/2ملخصاً)

عظيم تابعي بزرگ، ڪروڙين حنفين جي امام، امام اعظم ابو حنيفہ جو نالو نعمان بن ثابت آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 70 هجري ۾ عراق جي مشهور شهر ”ڪوفي“ ۾ پيدا ٿيا ۽ 80 سال جي عمر ۾ شعبان المعظم 150ھ ۾ وفات ڪيائون (نزہۃ القاری، 169/1، 219) اج بہ بغداد شريف ۾ سندن مزار برڪتون لٽائي رهي آهي. اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تذڪرو خير سان ڪيو

فرمانِ سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه :"پنهنجي ياءُ جي غير موجودگي ۾ اُن جو ذڪر انهيءَ طرح ڪيو جهڙي طرح پنهنجي غير موجودگي ۾ تون پنهنجو ذڪر ٿيڻ پسند ڪندو آهين."

(تنبيه المغترين، ص 192)

حضرت ابو عبد الله سفيان بن سعيد ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امير المؤمنين في الحديث هيا. 97 هجري بمطابق 716ع تي ڪوفي ۾ پيدا ٿيا. ديني علوم ۽ تقويٰ و پرهيزگاري ۾ پنهنجي زماني جا امام هيا. 161 هجري بمطابق 778 ع ۾ انتقال فرمايائون. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سئو (100) حجن کان افضل

امام مالِڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان فرمائن ٿا تہ حضرت ربيعہ فرمايو: ”مون وٽ ڪنهن شخص کي نماز جا مسئلا ٻڌائڻ روئي زمين جي تمام دولت صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي ۽ ڪنهن شخص جي ديني پريشاني حل ڪرڻ سو حج ڪرڻ کان افضل آهي.“ (بستان المحدثين، ص 38)

ڪروڙين مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ بن انس رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ چار مجتهد امامن مان هڪ مشهور امام ۽ تابعي بزرگ آهن. سندن ولادت مشهور قول جي مطابق 93 هجري ۾ مديني شريف ۾ ٿي ۽ مديني شريف ۾ ئي سندن انتقال شريف ٿيو. سندن مزار شريف مديني جي مشهور قبرستان جنت البقيع ۾ آهي. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت هجي. آمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بدنگاهي جو نقصان

ارشادِ عَلا بن زياد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: عورت جي چادر تي بہ نظر نہ وجهو ڇوتہ نظر دل ۾ شهوت پيدا ڪندي آهي. (الزہد للامام احمد بن حنبل، ص 265، حديث: 1428)

عظيم تابعي بزرگ حضرت عَلا بن زياد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مدينہ شريف جا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عبادت جي معاملي ۾ رياء ۽ ڏيکاء کان بچڻ وارا، دنيا کان ڪنارو ڪرڻ وارا، آخرت لاءِ هر وقت تيار رهڻ وارا، نيڪ عملن جو ذخيرو ڪرڻ وارا ۽ اڪيلائي پسند هيا.

سندس وفات شريف 194 هجري ۾ ٿي. (اللہ والوں کی باتیں، 373/2) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## رحمت موٽي ويندي آهي

حضرت حاتِم اَصم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪنهن مجلس (يعني ويهڪ ) ۾ هي ٽي ڳالهيون هجن ان ڪان رحمت موٽي ويندي آهي ﴿1﴾ دنيا جو ذِڪر ﴿2﴾ کِلڻ ٺٽون ڪلڻ ۽ ﴿3﴾ ماڻهن جي غيبت ڪرڻ. (تنبيه المغترين، ص 194)

حضرت حاتم اَصم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مشهور ولي الله حضرت شفيق بلخي جا مريد ۽ حضرت احمد خضرويه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مرشد هيا حضرت جنيد بغدادي سندن شمار صديقين ۾ ڪندا هئا. پاڻ ٻين کي خوب نوازيندا هيا پر عام ڪري ڪنهن کان ڪجھ قبول نہ فرمائيندا هئا. سندس وفات 237 هجري ۾ ٿي. (تذڪرة الاوليا (اردو) ، ص201)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## انجام جي خوشي

حضرت شيخ سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهون جيتري شفقت پنهنجي اولاد تي ڪن ٿا، اوتري ئي شفقت پنهنجي جانين تي(بہ) ڪن ها (يعني گناهہ کان بچن ۽ نيڪيون ڪن ها) تہ انهن کي پنهنجي انجام (يعني خاتمي) ۾ خوشي ملي ها." (حلية الاولياء، 122/10، رقم: 14707)

سلسلہ عاليہ قادريہ جي عظيم بزرگ حضرت ابو الحسن سري بن مغلس سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيدائش تقريبا 155ھ ۾ بغداد شريف ۾ ٿي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شروع ۾ "سَقَط (يعني معمولي ۽ ننڍيون وڏيون شيون وڪڻندا هئا). انهي مناسبت سان ڪيس "سَقَطِي" چيو ويندو آهي. پاڻ حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مريد ۽ حضرتِ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ماما ۽ استاد آهن. رمضان المبارڪ 253 ھ تي فجر جي اَذان کان پوءِ وفات ڪيائون ۽ مزارِ فائضُ الانوار شُوْنِيْزِيَّہ جي قبرستان ۾ آهي. (تذكرة الاولياء، 246/1)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سندن دلچسپ فرمانَ ڄاڻڻ لاءِ هن ڪيو آر ڪوڊ کي اسڪين ڪيو.

## حافظي جي قوّت

حضرت امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مون گهٽي توجّهه ۽ استقامت سان مطالعو ڪرڻ کي حافظي جي قوت لاءِ وڏو فائديمند لڌو آهي.“ (فيضانِ امام بخاری،ص9)

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 13 شوال 194 ھ جمعي جي ڏينهن (اُزبَڪِستان جي هڪ شهر). بخارا ۾ ٿي. سندن نالو محمد ۽ ڪُنيت ابو عبد الله آهي. سندن لقبن مان هي بہ آهن: اَمِيرُ الْمُؤمنين فِي الحديث، حافظُ الحديث وغيره. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تڪليف پري ڪيو

بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ، مظلوم جي فرياد رسي ڪرڻ ۽ ڪمزور جي مدد ڪرڻ 100 نفلي حج کان افضل آهي.“ (قوت القلوب، 165/1)

حضرتِ بِشْر بن حارث بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪنيت ابو نَصر آهي. ”حافي“ جي لقب سان مشهور آهن. 152 ھ ۾ پيدا ٿيا ۽ 227ھ ۾ جمعي جي ڏينهن ربيع الاول جي مهيني ۾ انتقال فرمايائون: (152 رحمت بھری حکایات، ص177،175) الله پاڪ انهن جي جنازي ۾ گڏ هلڻ وارن جي مغفرت فرمائي ڇڏي. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## برائين جي ڪنجي

غصو اچي تہ پري ڪيو، غصي جي مطابق ڪري نہ گذرو(يعني انهيءَ غصي جي وقت ڪو غلط ڪم نہ ڪيو) حضرت جعفر بن محمد رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: غُصو هر برائي جي چابي(key) آهي.
(الزواجر،107/1)

وقت جي امامِ حضرت امام ابو العباس جعفر بن محمد مستغفري حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 350 ھ تي هڪ علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ 29 يا 30 جُمادَي الأُولي 432 ھ ڪونَسَف ۾ وفات پاتي، پاڻ تمام وڏا عالم، محدّث، استاذُ العلماء ۽ مصنف آهن. ڪيترن ئي عالمن ڪائنس علم دين حاصل ڪيو . (الفوائد البہیہ، ص74، رقم:104)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بري صحبت جو نقصان

فرمان داتا حضور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه : "برن ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ وارو نفس جي شرارت جو شڪار ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن ٻانهي ۾ نيڪي ۽ ڀلائي هوندي تہ نيڪن جي صحبت ۾ رهڻ پسند ڪندو." (فيضانِ داتا علی ہجویری،ص70)

حضرت داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت ڪم و بيش 400 ھ ۾ غزني ۾ ٿي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪنيت ابو الحسن، نالو علي ۽ لقب گنج بخش، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي طريقت جو شجرو 9 واسطي سان مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي المرتضیٰ شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ تائين وڃي پهچي ٿو. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شب برات، شفاعت جي رات

امامِ غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: شب براءت کي شب شفاعت بہ چوندا آهن، چوتہ هن رات ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت لاءِ شفاعت جي درخواست ڪئي تہ اللّٰه پاڪ سموري امت جي شفاعت منظور فرمائي پر اهو شخص جيڪو رحمت الٰهي کان اٺ وانگر پري ڀڄي ويو ۽ گناهن تي اصرار (يعني بار بار) ڪري پاڻ ئي گهڻو پري ٿيندو ويو. (مڪاشفة القلوب، ص 303 ملخصاً)

امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو نالو "محمد" هيو. پاڻ 450 ھ مطابق 1058 ۾ پيدا ٿا. (اتحاف السادة المتقين،9/1) وصال شريف جي وقت بخاري شريف سندن سيني تي هئي پاڻ بار بار هي مختصر ۽ جامع ترين نصيحت شاگردن کي فرمائي: عَلَيۡكَ بِالۡاِخۡلَاصِ يعني اخلاص اختيار ڪيو، اهو فرمائيندي ئي پاڻ 14 جمادي الاخرىٰ 505 هجري ۾ انتقال فرمائي ويا. (مراة الجنان، 141/3)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تمام نيڪين جو اصل

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جهڙي طرح دنيا جي محبت تمام گناهن جي پاڙ آهي اهڙي ئي طرح دنيا سان نفرت تمام نيڪين جي اصل (پاڙ) آهي. (التيسير بشرح جامع الصغير،492/1)

## مصيبت ۾ نہ پئو

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: چيو ويو آهي: ”زبان کي آزاد نہ ڇڏيو نہ تہ هي توهان جي عزت خراب ڪري ڇڏيندي.“ ۽ هي بہ چيو ويو آهي تہ ”زبان جي حفاظت ڪيو، نہ ڳالهايو نہ مصيبت ۾ پئو، ڇو تہ مصيبتون زبان جي حوالي ڪيون ويون آهن.“ (منہاج العابدين ، ص 66)

## خوشي ۾ مصيبت

فرمانِ سيد احمد ڪبير رِفاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه :"ڪيترائي خوش ٿيڻ وارا اهڙا آهن جو انهن جي خوشي انهن لاءِ مصيبت بڻجي ويندي آهي."

(فيضانِ سيد احمد ڪبير رفاعی،ص 28)

سندن نالو احمد آهي. جد امجد "رِفاعہ" جي مناسبت سان رفاعي سڏرايو. پاڻ سَيِّدُ الشُّهَدَاء نواسہ مصطفيٰ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اولاد مان آهن، سندس ڪنيت ابو العباس ۽ لقب مُحْيُ الدِّين آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 5 رجب شريف 512 ھ مطابق پهرين نومبر 1118ع ۾ ٿي وفات جي وقت زبان تي جاري هيو: اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًارَّسُوْلُ اللّٰهِ. اللّٰه پاڪ جي ان تي رحمت ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ميلاد ملهائڻ جا شاندار فائدا

امام اِبنِ جَوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ميلاد ملهائڻ ۾ شيطان جي ذلت ۽ ايمان وارن جي تقويت (مضبوطي) آهي. (سبل الہدی والرشاد، 363/1)

امام ابو الفرج عبد الرّحمن بن علي جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 512 ۾ پيدا ٿيا. پنهنجي زماني ۾ وعظ ۽ نصيحت جا امام هئا، هڪ تحقيق مطابق پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو روزانو 40 صفحا لکڻ جو معمول هيو، پاڻ حافظ الحديث هئا (هڪ لک حديثون سند سان ياد ڪرڻ وارو حافظ الحديث هوندو آهي) لڪين ماڻهن سندن هٿ تي توبہ ڪئي. 13 رمضان المبارڪ 597 ھ جمعي جي رات جو وفات ٿي، بغداد شريف ۾ حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف جي پرسان دفن ڪيا ويا. (آنسوؤں کا دریا، ص15،16 ملخصاً) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قرآن ڪريم کي ڏسڻ جا فائدا

فرمانِ خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: قرآن کي ڏسڻ سان نظر تيز ٿيندي آهي، اکين جي سورَ کان حفاظت ٿيندي آهي ۽ اکيون خشڪ ناهن ٿيندون. (دليل العارفين اردو از ہشت بہشت،ص 80)

خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 14رَجَبُ شريف 573ھ مطابق 1142 ع ۾ ٿي ۽ انتقال شريف (Death) ۾ رجب شريف جي مهيني جي 6 تاريخ 634 ھ تي ٿيو ، پاڻ حسني حسيني سيد آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والده محترم حضرت شيخ عبد القادر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سوٽِ هئي، هن رشتي سان حضرت غوثِ پاڪ خواجہ غريب نواز جا ماما ٿين. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بابا فريد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا فرمانَ

پنهنجي زبان ۾ هٿ سان ڪنهن کي نہ ستائجان، نہ ڪنهن کي برو يلو چئجان، پنهنجي ظاهر کي محفوظ رکجان، اک ۾ زبان جي حفاظت ڪجان ۾ انهن کي يادِ الٰهي ۾ مصروف رکجان، يادِ الٰهي کي دل ۾ ياد ڪري رکجان، ذڪر ۾ تلاوت سان هميشہ پنهنجي زبان کي آلو رکجان ۾ شيطاني وسوسن کان دل کي بچائي رکجان.

(سيرتِ بابا فريد،ص14)

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نالو ”مسعود“ جڏهن تہ ”فريد الدين گنج شڪر“ جي لقب سان مشهور آهن، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نسب جو سلسلو مسلمانن جي ٻئي خليفي، حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ تائين پهچي ٿو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 569 يا 571 ۾ پيدا ٿيا. آخري ڏينهن ۾ بيماري جي حالت ۾ بہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جماعت سان ئي نماز ادا ڪندا هئا. نماز جي دوران سجدي ۾ انتقال ٿيو. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۾ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## "هڪ رحمت" جي برڪت

شيخ اَبُو عطاءُ الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله ڪريم جنهن تي هڪ رحمت نازل فرمائي اها (رحمت) ان جي دنيا ۽ آخرت جي سيني معاملن ۾ ڪفايت ڪندي، تہ (درود پڙهڻ جي سبب) جنهن تي (10) رحمتون لٿيون تہ ان جو ڇا عالم هوندو! (مطالع المسرات ، ص 30)

سندن نالو محمد بن محمد بن عبد الله بن محمد ابو عطاءُ الله الرشيدي شافعي آهي. سندن ولادت رجب جي مهيني ۾ 767 هجري ۾ قاهره ۾ ٿي. پاڻ حافظ قرآن، ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارا، حسن اخلاق جا پيڪر، سخي، بهترين محدث، فقيہ ۽ خطيب هيا. سندن انتقال 11 ربيع الاول جمعي جي رات 854 هجري ۾ 87 سال جي عمر قاهره ۾ ٿي ٿيو. (الضوء اللامع،101/8 ملتقطاً). الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## رزق جي تقسيم

حضرت علي خواص رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جو ارشاد آهي: مادي (يعني محسوس ٿيڻ وارو) رزق جيڪو بدن جي غذا هوندو آهي اهو فجر جي طلوع ٿيڻ کان سورج جي هڪ نيزي مٿي ٿيڻ تائين الله پاڪ تقسيم فرمائيندو آهي ۽ روح جي غذا يعني معنوي رزق جيڪو ڏسڻ ناهي ايندو اهو عصر جي نماز کان پوءِ سج جي لهڻ تائين تقسيم فرمائيندو آهي. (لواقح الانوار القدسيہ، ص 67)

حضرت علي خواص رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه قرآن ڪريم ۽ حديث شريف جي معنائن تي اهڙي عمده گفتگو فرمائيندا هئا جو علماء حيران ٿي ويندا هئا، پاڻ بهترين طبيب بہ هئا جنهن شي جي استعمال جو حڪم بيان فرمائيندا هئا انهيءَ ۾ شفا هوندي هئي. علماءِ ڪرام ۽ نيڪ ماڻهن جو گهڻو احترام ڪندا هئا، انهن جو اٿي بيهي ڪري استقبال ڪندا هئا، هر جمعي جي ڏينهن الله جي رضا لاءِ مسجد جي صفائي ڪندا هئا، بين جون مصيبتون پنهنجي پاڻ تي ڪٽندا هئا.
(الطبقات الكبرى للشعرانى، 2/ 205 تا 209)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## حضور جي ولادت واري جاءِ جي برڪت

علاّمہ قُطبُ الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي(مڪ مڪرمہ ۾ واقع) ولادت گاهه تي دعا قبول ٿيندي آهي.“ (بلد الامين،ص201)

سندن نالو محمد بن احمد بن محمد نَهْرَوالي ۽ لقب قطب الدين آهي. پاڻ حنفي قادري آهن. 917 هجري ۾ مڪ مڪرمہ ۾ پيدا ٿيا. مستند عالمِ، مفسر و مُحدّث ۽ مصنف ۽ محقق هئا. سندن وصال هڪ قول مطابق 998 هجري ۾ ٿيو. اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جشن ولادت جو بدلو

حضرت شيخ عبدُالحق مُحدّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جو بدلو هي آهي تہ الله تعالىٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان جَنَّاتُ النعيم ۾ داخل فرمائيندو. (ماثبت بالسنة،ص102)

حضرتِ علّامہ شيخ عبدُ الحق مُحدّثِ دهلوي قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 958 ھ تي دهلي (هند) ۾ ٿي ۽ اتي ئي 21 ربيعُ الاوّل 1052 ھ تي وصال فرمايو ۽ مَزَار مُبارڪ خانقاهِ قادريہ دهلي هند ۾ آهي. پاڻ حافظ قرآن، امامُ الْمُحَدّثِين فِي الهند ۽ ڪيئي ڪتابن جا مصنف ۽ حديثن جا شارح آهن. اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ايمان افروز ڳالھ

حضرت شيخ عبدُ الحق مُحدّث دِھلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "جنھن مسلمان ۾ علم دين حاصل ڪرڻ جي لالچ ۽ ان جو شوق ھوندو تہ سندس خاتمو ايمان تي ٿيندو." (لمعات التنقيح ، 1/559-560)

## اللّٰه پاڪ جي ناراضگي جي نشاني

حضرت عبدُاللّٰه علوي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”اللّٰه پاڪ جي نظرِ رحمت کان محرومي ۾ ان جي ناراضگي جي نشاني هي آهي تہ ٻانهو گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃي.“ (رِسَالَةُ الْمُذَاكَرَةْ مَعَ الْاِخْوَانِ الْمُحِبِّيْنْ مِنْ اَهْلِ الْخَيْرِ وَالدِّيْنْ،مترجم، ص43)

حضرت حبيب عبداللّٰه علوي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 5 صفر شريف 1044 هجري ۾ پيدا ٿيا، ننڍپڻ کان ئي نور بصارت (يعني ڏسڻ جي طاقت) کان محروم هئا، پر اللّٰه پاڪ ”نور بصيرت“ سان نوازيو، اڳاري جي ڏينهن 5 ذُوْالقَعْدَةِ الحرام 1132 هجري تي هن فاني دنيا کان موڪلائي ويا، سندن مزار شريف ”تَرِيْم“ يمن شريف جي قبرستان ۾ آهي. اللّٰه پاڪ جي انهن رحمت ۾ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شفاعت نصيب ٿيندي

حضرت شاه فضل رسول بَدايوني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪو شعبانُ المعظم جا روزا ان جي لاءِ رکي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند هئا ان کي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب ٿيندي.“

(المعتقد المنتقد، ص 129)

حضرت علامه فضل رسول قادري بَدايُوني حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏا عالم، قائدِ اهلسنت، آستانه قادريه جا چشم ۽ چراغ ۽ صاحب تصنيف آهن، 1213 ۾ پيدا ٿيا ۽ 2 جُمادَي الأُخريٰ 1289 ھ ۾ وصال فرمايو. مزار پاڪ بدايون ۾ مشهور آهي. اَلْمُعْتَقَد وَالْمُنْتَقَد، اَلْبَوَارِقُ الْمُحَمَّدِيَّه، سَيْفُ الْجَبَّار ۽ فَصْلُ الْخِطَاب وغيره يادگار ڪتاب آهن. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

مين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خدا جو دشمن ڪير؟

فرمان صَدرُ الْاَفاضِل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه :”جيڪو بدنصيب صحابہ (رَضِىَ اللهُ عَنْهُم) جي شان ۾ بي ادبي ساڀن زبان کولي اهو اللّٰه ۽ رسول جو دشمن آهي، مسلمان اهڙي شخص وٽ نہ ويهن.“(سوانحِ ڪربلا، ص 31)

حضرتِ علّامہ مولانا سيد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 21 صَفرُ المُظَفَّر 1300 ھ بمطابق پهرين جنوري 1883 سومر شريف جي ڏينهن ”هند“ جي مشهور شهر ”مُراد آباد“ ۾ ٿي.

اٿندي ويهندي حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْل نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْر پڙهندا هئا. انتقال شريف جي وقت ڪلمو شريف لَا اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ شروع ڪري ڇڏيو. 19 ذوالحج شريف 1367 ھ تي دنيا کان رخصت ٿيا. جامع نعيميہ (مراد آباد، هند) ۾ سندن مزار شريف آهي. اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ديني ڪتابن جو ادب

محدث اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد چشتي قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”قرآن و حديث ۽ ديني ڪتابن جي باري ۾ ائين نہ چوڻ گهرجي تہ هُتي پيا آهن بلڪ هيئن چوڻ گهرجي تہ هُتي رکيل آهن.“ (فيضان محدث اعظم، ص45)

محدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سردار احمد چشتي قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 29 جمادي الاخريٰ 1321 ھ بمطابق 22 سيپٽمبر 1903 ع ۾ پيدا ٿيا. ڪم و بيش 30 سال درس و تدريس جو سلسلو فرمائيندي شعبان شريف جي پهرين تاريخ 1382 ھ بمطابق 29 ڊسمبر 1962 ع جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات هڪ لڳي چاليهہ منٽن تي هن انداز مان دنيا کان رخصت ٿيا جو هر ساهہ سان گڏ ”اللّٰهُ هُو، اللّٰهُ هُو“ جا آوازَ اچي رهيا هئا. اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جانورن تي ظلم

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جانور تي ظلم ڪرڻ مسلمانن تي ظلم ڪرڻ کان وڌيڪ سخت آهي. (مراٰة المناجيح، 86/8 ملخصاً)

(مسلمان هٿ سان بہ ظلم جو بدلو وٺي سگهي ٿو، ڪيس بہ ڪري سگهي ٿو پر مظلوم جانور ڪنهن سان فرياد ڪري؟)

حضرت علامہ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 4 جمادي الاوليٰ 1314 ھ بمطابق پهرين مارچ 1894ع صبح صادق جي بابرڪت وقت ۾ پيدا ٿيا. 3 رمضان المبارڪ 1391 ھ بمطابق 24 آڪٽوبر 1971 ع تي انتقال شريف ٿيو، وصال کان پوءِ سندن منهن مبارڪ گل وانگر ٽِڙيل هيو ۽ اهو تصور ڪرڻ مشڪل هيو تہ پاڻ فوت ٿي ويا آهن. سندن آخري آرام گاهہ گجرات (پنجاب، پاڪستان) ۾ آهي. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪتاب ڪڏهن فائدو ڏيندي

فرمان حافِظِ ملّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه : (ديني) ڪتاب (هٿ ۾ لٽڪائي هلڻ جي بجاءِ) جڏهن سيني تي لڳايو ويندو تہ سيني ۾ لهي ويندو ۽ جڏهن ڪتاب کي سيني کان پري رکيو ويندو تہ ڪتاب بہ سيني کان پري ٿي ويندو. (شانِ حافظِ ملت،ص6)

حافظِ ملّت حضرت علامہ مولانا عبد العزيز مُحدّث مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 1312ھ بمطابق 1894ع يوپي هند ۾ سومر جي ڏينهن صبح جي وقت پيدا ٿيا. حِفظ قرآن ايتري قدر مضبوط هيو جو پاڻ "بڑے حافظ جی" (وڏا حافظ جي) جي لقب سان مشهور هيا. پنهنجي هر عمل ۾ سنت جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. جمادي الاخريٰ جي پهرين تاريخ 1396ھ بمطابق 31 مارچ 1976 ۽ رات يارهن لڳي پنجونجاهہ منٽ تي انتقال شريف ٿيو. سندن مزار شريف الجامعةُ الاشرفيہ مُبارڪ پور ۾ آهي. الله پاڪ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دولت جي مستي

فرمانِ قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه : "دولت جي مستي کان خدا پاڪ جي پناھ گھرو، ھن ۾ تمام دير سان ھوش ايندو آھي." (سيدى قطبِ مدينہ، ص 18)

قطبِ مدينہ ضياء الدين احمد مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 1294 ھ، 1877ع ۾ پاڪستان جي ضلعي سيالڪوٽ، جي مقام "ڪلاس والا" ۾ پيدا ٿيا. پاڻ مسلمانن جي پھرين خليفي، حضرت صدّيق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اولاد مان آھن. 4 ذُوالحج شريف 1401ھ (2-10-1981) جمعي جي ڏينھن مسجدِ نبوي جي مؤذن الله اڪبر! الله اڪبر چيو ۽ سيّدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪلمہ شريف پڙھيو ۽ انتقال ڪري ويا. جنَّتُ البقيع ۾ حضرت بي بي فاطمةُ الزُّھرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مزار پُر انوَار جي صرف ٻہ گز جي فاصلي تي دفن ٿيا. الله پاڪ جي انھن تي رحمت ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سنت جي پيروي


(هڪ بُزرگ جو قول:) مون وٽ سنت جي پيروي ڪرڻ هزار سال جي (نفل) عبادت کان بهتر آهي. (فيضانِ رمضان ، ص 106)

## مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿئي

مَشائخِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص ڏندڻ جو عادي هوندو مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو ۽ جيڪو اَفيم کائيندو آهي مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو.“

(بہارِ شريعت،288/1)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net